SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2012
# SINDH ACT NO.VII OF 2012
# سنڌ ايريگيشن (ترميم) ايڪٽ، 2011
# THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ACT, 2011

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1879 ۾ نئين دفعه 62_C جو شامل ٿيڻ
Insertion of new section 62_C in Sind Act No. VII of 1879

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 2012
# SINDH ACT NO.VII OF 2012
# سنڌ ايريگيشن (ترميم) ايڪٽ، 2011
# THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ACT, 2011

[20 مارچ 2012]

ايڪٽ جنهن جي ذريعي سنڌ ايريگيشن ايڪٽ، 1879 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ايريگيشن ايڪٽ، 1879 ۾ هيٺين ڄاڻايل طريقي سان ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

جنهن ڪري هن طرح جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ايريگيشن (ترميم) ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.

(2) هيءَ في الفور نافذ ٿيندو

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 ۾ نئين دفعہ 62_C جو شامل ٿيڻ
Insertion of new section 62_C in Sind Act No. VII of 1879

2. سنڌ ايريگيشن ايڪٽ، 1879 جي دفعہ 62_B کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو:

”62_C. (1) ڪنهن شخص جي حق ۾ ڪنهن اٿارٽيءَ پاران يا ڪنهن عدالتي فيصلي يا حڪم سان مليل گرانٽ يا ليز جي باوجود سيلابي ۽ برساتي پاڻي جي نڪاسي جي لاءِ مخصوص قدرتي يا مصنوعي نالن واري سموري زمين حڪومت جي حوالي تصور ڪئي ويندي جنهن کي خاص ڪري انهيءَ مقصد جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو.

(2) اهڙي سرڪاري زمين جنهن جو ذڪر ذيلي دفعه (1) ۾ ڪيو ويو آهي، اها ڪو شخص پاڻ وٽ رکندو ۽ هن ايڪٽ جي نفاذ ڪانپوءِ ستن ڏينهن جي اندر اها زمين خالي ڪندو.

(3) ذيلي دفعه 2 جي تحت زمين خالي نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڄاڻايل شخص سزا ۽ جرماني جو حقدار هوندو سزا جي مدت ۾ 10 سالن تائين وڌائي سگهي ٿي ۽ ان تي جرمانو به لڳايو ويندو جنهن کي 10 ملين تائين وڌائي سگهجي ٿو.

وڌيڪ هيءُ ته هن ذيلي شق جي مطابق ڪيل ڏوهه ناقابل ضمانت.

**نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**